پرستان
[پاگو ۲]

# Purstan

قيمت پنج آنه

Stories for Kids

گل فل آفيس
كراچي ١

# آکاڻين جي فهرست


| آکاڻي | صفحو |
| --- | --- |
| ١. ڪمل پري | ١ |
| ٢. منڪا پري | ٧ |
| ٣. پرين جو ديس | ١٤ |
| ٤. سونو رٿ | ٢١ |
| ٥. ڪمل گل | ٢٩ |
| ٦. مهاراڻي پنيوري | ٣٢ |



Printed and Published by Mellaram Mangatram at the Sunder Printing Press, Teckchand Udhaudas Road, Garrikhatta, Karachi.

# • ڪمل پري

جهوني ڳالهه آهي. پرستان ۾ هڪ تمام وڏو جلسو ٿيڻ وارو هو. اُتي جي مهاراڻيءَ سڀني پرين کي دعوت موڪلي تہ هوءَ پنهنجي نالي وارو گل ڪڍي جلسي ۾ شامل ٿيڻ اچن.

اُن زماني ۾ پرين ۾ اهو رواج هوندو هو تہ جيستائين ڪو گل چونڊي پاڻ وٽ نہ رکيو هوندو تيستائين هوءَ پاڻ لئي نالو رکي نہ سگهنديون هيون. بنا نالي واريءَ پريءَ سان ڪير ڳالهائيندو بہ ڪو نہ هو.

پرستان جي سڀني پرين وٽ پنهنجي پنهنجي ڊنگ جا جدا جدا گل هئا ۽ اُنهن جي آڌار تي هنن پنهنجو نالو رکيو هو.

هڪڙي ننڍڙي پري آهڙي هئي جا ڪنهن ٻئي ديس مان پرستان ۾ آئي هئي. هن ڪيتري ئي ڳولا ڪئي پر ڪيس ڪو بہ نئون گل هٿ نہ لڳو. انهيءَ ڪري پرستان جي پرين هنکي پاڻ وٽ

اچڻ نہ ٿي ڏنو.

اُها پري سڄو ڏينهن دلگير ويٺي هوندي هئي. راڻيءَ جي ڪوناپل جلسي جو ڏينهن ويجهو ايندو ويو تہ پريءَ جي اُداسي وڌندي رهي. ڇو تہ پرستان ۾ اهو رواج هو تہ جنا پري اُلسوءَ ۾ پنهنجو گل ڪٽي نہ ويندي هئي تنهن کي پرستان ديس کان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو.

سويل صبوح جو ويچاري ننڍين آيل پري ويٺي سوچي رهي هئي تہ اڄ رات جو پرين جي راڻيءِ وٽ اُلسو آهي ۽ پاڻ اَجا ۲ تاءِ ڪونئون گل نہ ڳولي سگهي آهي.



اُن وقت ويجهوئي ڪٿان ڏيڏرن جو راجا نڪري آيو. هن ڏٺو تہ هڪڙي ننڍڙي سندر

پري اُداس ويٺي آهي. ڏيڏرن جي راجا هلڪان اُن جو سبب پڇيو. پريءَ سڀ حال کيس چئي ٻڌايو.

ڏيڏر راجا چيو ـ هتان کان ٿورو پريان هڪڙو ڪلاءُ آهي. اُنجي وچ ۾ هڪڙو گل ٽڙيل آهي. اُهو سنسار ۾ سڀ کان وڌيڪ سندر گل آهي. ليڪن پرستان جي پرين ۽ پاڻيءَ جي ساهوارن ۾ لڙائي ٿيندي رهي آهي انهيءَ ڪري اِهو گل ڪنهن به پريءَ جي هٿ نه لڳو آهي. تون مونکي بلڪل سٺي ڇوڪري ٿي ڏسڻ ۾ اچين ۽ ڪنهن ٻئي ديس جي آهين اُنڪري مان تو لاءِ اُهو گل آڻي ٿو سگهان.

ننڍڙي پري تمام خوش ٿي ۽ هن ڏيڏرن جي راجا جو گهڻو شڪر مڃيو.

تڏهن ڏيڏر راجا چيو ـ اُن گل جو نالو ڪمل آهي اُهو جنهن پريءَ کي ملندو سا سنسار جي سڀني پرين جي راڻي ٿيندي. مان توکي اُهو گل آڻي ٿو ڏيان جيئن تون جهڙي، ڀولي، ڀالي، سڌي ۽ سچي پري سڄي پرستان جي راڻي ٿي سگهين.

ٽون ٿورو ٽرس ٿه مان هينئر آڻي ٿو ڏيانءِ.

ڏيڏرن جو راجا ٿوري وقت ۾ هڪڙو ٽمام سندر كمل كڻي اچي پريءَ اڳيان حاضر ٿيو. پريءَ كي اُهو كمل ڏيندي هن چيو ”اڄ كان ٽون كمل پري آهين ۽ ٽون اڄ کي سڀني پرين جي راڻي ٿي ويندينءَ.“



گل وٺي كمل پري خوش ٿي چيو ”ٽوهان موٺتي ايڏي ته وڏي مهرباني كئي آهي جو مون وٽ اُن جي شكرگذاري لاءِ لفظ ئي نه

آهن. مان کهڙي نموني ٿنهنجي اپڪار جو بدلو چڪائي ٿي سگهان."

ڏيڏرن جي راجا ڪلي چيو "توکي فقط اسانجي سپاهه اچي ايتر وچو ٿو پوندر، تہ جڏهن اڄ ٿون راڻي ڪئي ويندينءَ تڏهن پنهنجن پرين کي اها آگيا ڏيندينءَ تہ زمين ۽ پاڻيءَ تي هو ڪڏهن بہ نہ ايندين."

پريءَ پڇيو "ائين ڇو؟"

راجا چيو "انڪري جو اسين هنن وٽ نٿا اچون."

پري چيو- "ليڪن مان توهان کي گهرائيندس."

راجا چيو "نہ" اسين اهو نٿا چاهيون. اسانجو ديس - پاڻي ۽ زمين - اسانجو رهندو۽ آڪاس پرين جو ديس ٿي رهندو."

ٿوري وقت بعد ڪمل پريءَ ڏيڏرن جي راجا جي ڳالهہ مڃي. پوءِ ڏيڏرن جي سپاهہ اچي پنهنجو انجام چئي ٻڌايو ۽ پوءِ گل کڻي اڏامي ويئي.

پرستان جي راجڌانيءَ ۾ اُن ڏينهن ڏوم ڌام سان اُلسوَ ٿيو ۽ ڪمل پريءَ کي راڻي ڪيو ويو،

چاڪاڻ تہ هن جو گل سڀني کان سھڻو هو. ڪمل پريءَ حڪم ڪيو تہ آئينده پريون ڌرتيءَ تي نہ لهن. اُنهيءَ ڏينهن کان پرٿويءَ تي پرين جو اچڻ بند ٿي ويو. ليڪن ڪمل پريءَ پنهنجي نشانيءَ لاءِ پنهنجي گل جا ڪجهہ ٻج زمين تي ڦٽا ڪيا جي ڌلاءَ ۾ وڃي ڪريا ۽ ڪمل گل جي نالي سان مشهور ٿيا.

# منڪا پري

پرين جي ديس ۾ هڪڙي ٽمام چلولي پري رهندي هئي. هن کي جيڪا شيءِ هٿ ۾ لڳندي هئي اُن سان راند ڪندي هئي ۽ هر ڪا شيءِ پڇي ڏسندي هئي تہ اُن جي اندر ڇا آهي.

پرين جي راڻيءَ کي هڪ پٽ هو جنهن جو نالو هو چندر. هو چلولي پريءَ منڪا کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. پر هيءَ ڪڏهن ڪڏهن چندر جو بہ چيو نہ مڃيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن پرين جي راڻيءَ اُن پريءَ کي گهرائي چيو "منڪا! اڄ ٽوڪي، هڪ جادوگروٽ هڪڙو نياپو کڻي وڃڻو پوندو. پر اُلي سندس گهر جي ڪنهن بہ شيءِ کي بنا پڇڻ جي هٿ نہ لائج."

"ٽمام چڱو" چئي منڪا پرين جي راڻيءَ جو نياپو کڻي رواني ٿي. رستي ۾ ڪڏهن هوءَ

پوپٽن جي پڇيان ٿي پيئي تہ ڪڏهن پڪين جي. ڪيتري وقت کان پوءِ هوءَ جادوگر جي، گهر پهتي. جادوگر کي پرين جي راڻيءَ پري ديس ۾ اچي تماشو ڏيکارڻ لاءِ خط ۾ لکيو هو. نياپو ڏيڻ سان ملڻ ڪري جادوگر انهيءَ ڏينهن نہ وڃي سگهيو. هن منڪا کي چيو "منهنجي پياري پري! تون تمام دير سان آئي آهين. سڀاڻي هلندس. تون بہ اڄ هتي رهي پئہ."

پريءَ جادوگر جي ڳالهہ مڃي.

جادوگر جي گهر ۾ کيل ڪرڻ لاءِ ڪيترن قسمن جون شيون رکيون هيون. اهڙيون شيون منڪا ڪڏهن اڳہ نہ ڏٺيون هيون. هنکي پرين جي راڻيءَ جي ڳالهہ ياد پيئي پوهن ۾ٖ ئي من ۾ چيو "مونکي ڪير ڏسندو.؟ هنن شين کي هٿ لائي ڏسڻ ۾ ڪهڙو نقصان آهي."

بس هوءَ هڪ ڪمري ۾ چپ چاپ لنگهي ويئي ۽ سڀ شيون الٽ پلٽ ڪري ڏسڻ لڳي. ان وقت هن جي پرجي ڏک لڳڻ سبب هڪ ٻاٽلي ڪري پيئي. بوتل جي ڪرنديئي ان

مان هڪ قسم جو دونهون نڪرڻ لڳو جو هن جي پرن کي به ڪجهه لڳو. هاڻي ته پريءَ جا پر وڌڻ لڳا. وڌندي وڌندي ايڏا ته وڏا ٿي ويا جو انهن جو ڪمري ۾ سمائجڻ مشڪل ٿي پيو. تڏهن هوءَ رڙيون واڪا ڪرڻ لڳي ۽ روئڻ لڳي.

جادوگر ٻئي واري ڪمري ۾ ويٺو هو. هڪدم پريءَ وٽ آيو ۽ چيائين ”ٻاهر نڪر. ٻاهر نڪر. جلدي نڪر نه ته ڪمري ۾ نه ماپي سگهندينءَ ۽ مري ويندينءَ.

گهٻرائجي پري ٻاهر نڪري آئي. ٻاهر اچڻ تي هن جا پر اڃا به تيزي سان وڌڻ لڳا. وڌندي وڌندي هو ايڏا ته وڏا ۽ ڳورا ٿي پيا جهڙا ٻڙ جا وڻ. پري انهن کي هلائي نه ٿي سگهي. هن روئندي جادوگر کي چيو ”مهربان جادوگر! منهنجي مدد ڪر. منهنجا پر ننڍا ڪر. هاءِ هاءِ! مان بار هيٺ دٻجي ٿي وڃان.“ جادوگر چيو ”اها منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي. هاڻ ته تنهنجا پر تڏهن ننڍا ٿيندا جڏهن تون ڪنهن آفت ۾ ڦاٿل ماڻهوءَ جي مدد ڪندينءَ؟

تمام مشڪلات سان آهستي آهستي هلندي پري هڪ باغ ۾ پهتي ته جئن ڪو آفت جو ماريل ڳڏجي وڃي ته سندس مدد ڪريان.

هڪ انب جي وڻ جي هيٺان هڪڙو ڄامڙو ويٺو هو. هن انب پٽڻ ٿي چاهيا پر هو انب پٽي نٿي سگهيو.

پريءَ سوچيو " شايد هن جي سهائتا ڪرڻ ڪري منهنجا پرو ري اڳي جهڙا ٿي پون. انب جي وڻ ڏانهن وڃي هن پنهنجي سڄي طاقت لڳائي پنهنجي پر سان وڻ جي ٽاريءَ کي ڌوڏيو.

انب جي وڻ ۾ جي انب لڳل هئا اهي سڀ جادو جا هئا وڻ ٽي پر لڳنديئي سڀ انب پٽر جا ٿي پيا ۽ ڄامڙي جي مٿي تي اچي لڳا. ويچارو ڄامڙو تمام سخت زخمجي پيو ۽ رڙيون واڪا ڪرڻ لڳو. هنجا واڪا ٻڌي پرين جو سپاهي اچي نڪتو ۽ ان پريءَ کي قيد ڪري راڻيءَ وٽ وٺي آيو.

راڻي راجڪمار چندر سان ڪبوتر جي هوا گاڏيءَ تي سوار ٿي هوا کائڻ لاءِ وڃي رهي هئي. چندر پنهنجي پياري منڪا جي هيءَ دشا ڏسي

ماءُ کي ڪيس معاف ڪرڻ لاءِ چيو.

راڻيءَ پٽ جي ڳالهه مڃي ۽ منڪا کي چيائين "هاڻي ڪوڪي ڪهڙو ڏنڀ ڏيان؟ پنهنجي ڪئي جو ڦل ڪون پاڻهي ڀوڳينديئن پر ڪنهنجن پرن ۾ جو جادو، جو اثر آهي اُهو ڪڏهن لهي ٿو سگهي جڏهن ڪون ماڻهن جي لوڪ ۾ رهي ڪنهن آفت ۾ پيل جي مدد ڪرين."

گهڻي مشڪلات سان منڪا. پرتوي‌ءَ کي لڏي ۽ گلن سان ڍڪيل هڪ پهاڙ ڪي آرام وٺڻ لاءِ ويهي رهي.

انهيءَ پهاڙ ڪي هڪڙو راڪس رهندو هو جو هڪ راجا جي راڻي ڀڄائي آيو هو ۽ انکي چئي رهيو هو "مون سان شادي ڪر نہ ڪ ڪوکي ماري ڇڏيندس."

انجو راڻي جواب ڏيئي رهي هئي "چاهي ڪجهہ بہ ٿي پوي مان توسان شادي نہ ڪنديس."

راڪس سان لڙڻ لاءِ راجا جي فوج بہ پهاڙ جي هيٺان پهچي ويئي هئي.

پريءَ پنهنجي من ۾ چيو "جيڪڏهن مان هن راڻيءَ جي مدد ڪنديس ڪ شايد منهنجا پر

اڳي جهڙا ٿي پوندا."

پر هوءَ راڻيءَ جي مدد ڪيئن ڪري؟ راڪس سان هوءَ لڙي به نٿي سگهي ۽ وري هنجا پر اهڙا نه ڳؤرا هئا جو هوءَ چري به مشڪل ٿي سگهي.

سوچيندي سوچيندي کيس هڪ اٽڪل ياد آئي. هن سوچيو "منهنجا پر تمام وڏا ٿي پيا آهن. انهنجي اڳيان راڪس بالڪل ننڍو لڳندو. هلي انجي دروازي اڳيان بهي پنهنجن پرن کي ڏوڏيان. شايد هو ڀڄي ... وڃي. انڪان سواءِ ٻي ڪا به ترڪيب نه سجهيس.

آهستي آهستي پري راڪس جي دروازي وٽ آئي ۽ هن چڱيءَ طرح پنهنجي طاقت سان پنهنجن پرن کي ڏوڏيو. راڪس ڏاڍو ڊڄڻو هو. هن سمجهيو ته ڪو مونکان به طاقتور راڪس اچي پهتو آهي. هو هڪدم ڀڄي ويو. راجا بہ پنهنجي فوج وٺي مٿي اچي پهتو ۽ پنهنجي راڻيءَ کي حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو.

هاڻي پري کي پنهنجا پر ڪجهہ هلڪا معلوم ٿيڻ لڳا. ان وقت راجڪمار چندر ڏرتي ... لٿو ۽ چياءِ "پياري منڪا. تنهنجي پرن مان

هاڻي جادو جو اثر ويو. هاڻي مون سان گڏ پرستان ۾ هل. اُتي ڦهڇنديئي تنهنجا ڦر بلڪل نئيا ٿي پوندا. اتي ڦهچندي تنهنجي مونسان شادي ٿيندي. وهانءُ جون سڀ تياريون ٿي چڪيون آهن. پر ڏسج هاڻي وري ڪڏهن به حرڪت نہ ڪج."

"ڪڏهن بہ نہ ڪنديس، پيارا" منڪا چيو.

ٻوءِ ٻئي اُڏامڻ لڳا. ۽ وڃي پرستان ۾ ڦهتا، جتي سندن شادي ٿي.

# پرين جو ديس

ڪنهن وقت جي ڳالهه آهي ته لڇڱ لاج نالي ٻه ٻار هوندا هئا. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ هئا. هنن جي ماءُ مري ويئي هئي انڪري ٻئي گهڻو اداس رهندا هئا.

هڪڙي ڏينهن جڏهن اچا سج ٻه نه اڀريو هو ته ٻئي گهران نڪتا ۽ هلندي هلندي تمام گهڻو پري نڪري ويا.

ٻئي ٻار اڳ ڪڏهن به ايترو پري نه ويا هئا. انڪري ٻئي ڊڄڻ لڳا. لاج ته اهڙو ڏڪي ويئي جو ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. لڇڱ رستي تي ڪلڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو ڇو ته هو البت بهادر هو. دل ۾ ڊپ ٻي تيس، پر مبادا ڀيڻس چيڙائي ته ڪون ڇوڪرو ٿي به ڊڄين ٿو. اهو سوچي لڇو جيئن جيئن ڊڄو ٿي تيئن تيئن ڳاياءُ ۽ ڪلياءُ ٿي ته جئن ڀيڻس کي به آٿت اچي.

سڄ گهٽو مٿي چڙهي چڪو هو. رستي لي ڏوڙ اُڏامي رهي هئي. هاڻي کين اُس به لڳڻ لڳي. اُن وقت ڏائي طرف هڪ پيچرو ڏسي لڇو چيو "لاج هل ته هن پيچري کان ٿيندا هلون شايد اُتي ڪو ڇانوَ وارو وڻ ملي."

لڇوءَ جيئن سوچيو هو تيئن ٿيو. ٿورو پري هلڻ تي کين وڻن جي قطار ملي پوءِ ته هو مزي سان اڳتي وڌڻ لڳا.

وڻن جي قطار ٻ ري ٿي ڇو ته اُهو رستو ختم ٿي چڪو هو. سامهون هيٺ مٿي ننڍين ننڍين جهاڙين سان ڍڪيل زمين نه معلوم ڪيستائين ٿي ويئي. اُتي گهاٽائي پيچرا هئا، هاڻي وڃن سو ڪيڏانهن وڃن.

ٿورو وقت سوچ ويچار ڪري ٻنهي ايشور جو نالو وٺي اُنهن مان هڪڙي رستي کان هلڻ شروع ڪيو. جڏهن اُهو پيچرو به پورو ٿيو ته لاج ڏٺو ته سامهون هڪڙو سندر باغ لڳل آهي. ۽ ان ۾ ڪيترائي ننڍا گهر ٺهيل آهن. هن چيو "پائڙا! واه. هي ته گڏين جا گهر آهن. هاءِ! مان پنهنجي گڏي نه کڻي آئي آهيان."

لجو چيو "نه لاج نه! هي ته پرين جا گهر ڏسڻ ۾ ٿا اچن."

هو ٽڪجي پيا هئا. پر اهو ڏسڻ لاءِ ته اڳتي ڇا آهي آهستي آهستي وڌڻ لڳا. هڪڙي عجيب ڍنگ جو ڪتو گهمي رهيو هو. ڪين ڏسنديئي هو ڀونڪڻ لڳو، اُن آوازتي هڪ پهريدار، جو ڀت کي ٽيڪ ڏيئي سمهي پيو هو، جاڳي پيو.

پهريدار چڱو ماڻهو هو. ٻارن کي ڏسي چياءِ "ٻارن کي هتي اچڻ جو حڪم نه آهي. توهين هتي ڇو آيا آهيو؟" لجو ٻڇي چيو "ڇو... ڇ... ڇو نه؟"

"ڇو ته هي پرين جو ديس آهي ۽ توهين پرين جا ٻار نه آهيو."

"نه نه؟ اسين پريون نه آهيون. ليڪن اسين تمام ٽڪل آهيون. اسين ڪا گڙٻڙ نه ڪنداسين."

"چڱو وڃو، مان سمهان ٿو." ائين چئي پهريدار سپاهي اڳي وانگر سمهي پيو ۽ ٻار اڳتي وڌڻ لڳا.

آهستي آهستي هو هڪڙي سهڻي شهر ۾ آيا. ڪو گهرگلن جو ٺهيل هو ته ڪو ڦلن جو ته ڪو

سائي گاهہ جو. ان شهر ۾ جيترا بہ ماڻهو ڏسڻ ۾ ٿي آيا سڀ هنن وانگر ننڍا، مشڪڙا ۽ سندر هئا. سينيءَ کي بہ ٻہ پر هئا. شهر جي وچ ۾ هڪڙو وڏو تلاءُ هو. ان ۾ سندر ڪمل گل ٽڙي رهيا هئا. اُتي جا ماڻهو اڏامي اچي ٿي انهن ڪملن تي ويٺا ۽ طرح طرح جا کيل تماشا ٿي ڪيائون.

اهو سڀ تماشو ڏسندي ڏسندي ڏينهن گذري ويو. ٻکـہ سبب ٻئي لڇو ۽ لاج وياڪل ٿيڻ لڳا. لاج چيو "ڀائڙا! مونکي ڏاڍي ٻک لڳي آهي."

لڇوءَ چيو "مان بہ ڏاڍو ٻکايل آهيان. هل تہ پسرواري دڪان تي هلون. منهنجي کيسي ۾ ڪجهہ روپيا پيا آهن هل تہ هاڻي ڪجهہ وٺي کائون."

جيئن هو دڪان تي پهتا تہ دڪان تي تن تن ڪري هڪ گهنڊڙي وڳي ۽ هڪ لال پري ٻاهر نڪري چيو "ڇا وٺندا؟"

دڪان ۾ تازا تازا انب، سنگترا، زيتون رکيا هئا. لڇو چيو "ڪيلا، انگور، ڏاڙهون ۽ انب."

لال پريءَ چيو "پرين جي ٻوليءَ ۾ چئو."

لجؤ آگرجيِ اشاري سان چيو "هي، هؤ، انهن جي قيمت ڇا آهي؟"

لال پريءَ کلي چيو "کنهن جو به ملهہ نہ آهي. نالو ٻڌاءِ ۽ کڻي وڃ."

لجوءَ چيو "کدليءَ جي ڦري، منڪا، ڏاڙهون، رسال."

"نہ نہ، هڪ بہ نالو برابر نہ آهي. ٻيو ٻڌايو. هتي ميون جا بلڪل ڦريل نالا آهن."

لاج کي ياد پيو تہ جڏهن هوءَ ٻاالي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي هئي تہ ماٺهو چوندا هئا تہ هوءَ ڦريل ٿي ڳالهائي. انکري هن ٻاالاڻ ۾ چيو "ليلا (کيلا) آنول (انگور) آنال (انار) آم (انب)."

"بلڪل ٺيڪ، بلڪل ٺيڪ." لال پريءَ چيو ۽ هنن کي هڪ ڇڳو کيلن جو، هڪ ڇڳو انگورن جو، ٿورا ڏاڙهون ۽ ٿورا انب ڏيئي چياءِ "کڻي وڃو ۽ وڃي کائو. وڌيڪ کپيو تہ وٺي وڃجو."

لجو روپيہ ڪڍي ڏيڻ لڳو. پر پريءَ چيو "پرين جي ديس ۾ ڪابہ شيءِ وڪامندي نہ آهي. جنهن شيءِ جي ضرورت پئي انجو نالو وٺجي ۽ وٺي وڃجي."

" ٺمار چڳو" چئي ٻئي ٻار اڳتي وڌيا. هڪ وڻ جي هيٺان ويهي ٻنهي ٻارن پيٽ ڀري ميوا کاڌا ۽ اليئي سمهي پيا.

ٻئي ڏينهن سويل اٿي لاج چيو " هي ديس ڪهڙو نه سٺو آهي. هتي نه روپين جي ضرورت آهي ۽ نه پيسن جي. شايد ناليءَ ٻڌهڻ سان هتي هڪ گهر به ملي وڃي."

هو وري شهر ۾ گهمڻ لڳا. هنن ڏٺو ته هر گهر جي مٿان لکيل آهي "کيل ميل" لجوءَ اُن گهر جي مالڪ کي وڃي چيو "کيل ميل." اهو ٻڌندي ئي گهر جي مالڪ کلندي چيو "اچو. اڄ کان هي گهر لوهانجو ٿيو."

بس لجوءَ لاج اُن گهر ۾ رهڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن گهمندا ڦرندا هو اُن شهر جي ديوتا وٽ ويا. ديوتا هڪ ڪمل جي گل تي ويهي کلي رهيو هو. لجوءَ چيو "منهنجي ماتا!" ديوتا ڪجهه نه چيو.

ٺڏهن هن چيو "منهنجي اما" ٺڏهن به ديوتا ڪجهه نه چيو. ٺڏهن لاج چيو ميلي اَما (منهنجي اما)"

اهو ٻڌنديئي ديوتا غائب ٿي ويو ۽ ٻنهي ٻارن ڏٺو ته اُن گل تي ڪيترن ڏينهن کان وچڙيل هنن جي ماءُ ويٺي آهي.

پنهنجن ٻارن کي ڏسنديئي ماءُ هڪدم ٻنهي کي چاڙي سان لڳايو. ان کان پوءِ ٽيئي پنهنجي گهر انهيءَ "کيل ميل" ۾ آيا. جون ٿا ته هو اڃا تائين اُتي رهندا آهن.

## سونو رت

گلاب ۽ چمبيلي نالي ٻه ٻار هئا. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ هئا. انهن کي نه ماءُ هئي ۽ نه پيءُ. ٻئي ٻار بلڪل غريب هئا ۽ گهر گهر مان ماني گڏ ڪري پنهنجو پيٽ پاليندا هئا

جڏهن شام ٿيندي هئي ته ماڻهو رحم ڪري هنن کي آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر ۾ ٿوري جڳهه ڏيندا هئا. اهڙي ڪا به جڳهه نه هئي جنهن کي هيءُ ٻار پنهنجي ڇوڙن ۽ جتي پنهنجون ننڍيون ٽريباٽيون شيون رکن.

هڪڙي ڏينهن پنندي پنندي جڏهن شام ٿي ويئي ته ٻئي ٻار هڪڙي ٻڍيءَ جي جهوپڙيءَ وٽ پهتا. اها جهوپڙي هڪ ڳوٺ کان ٻاهر ويران جاءِ تي ٺهيل هئي. ٻئي ٻار ڏاڍو ٿڪل هئا انڪري هنن اينديئي در کڙڪايو. آواز ٻڌي هڪ ٻڍي ٻاهر نڪتي. تڏهن گلاب چيو "ٻڍي ماتا! ديا ڪري مونکي

۽ منهنجي پيڻ چمبيليءَ کي جهوپڙيءَ ۾ هڪ کنڊ ۾ رهڻ ڏي. صبوح ٿيندئي اسين هليا ويندا سين. اسين ڏاڍو ٿڪل آهيون ۽ تمام پريڻ اچي رهيا آهيون.

پڍيءَ چيو "ڇڱو، پيارا ٻارو، اندر اچو."

ان کانپوءِ ٻئي ٻار جهوپڙيءَ ۾ اندر آيا. ٻڍي اڳي وانگر وري دروازو بند ڪري چيو، "اڄ رات لاءِ توهين منهنجي جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿا سگهو. منهنجو مڙس پرديس ويو آهي سپاٽي هوُ ايندو. جيڪڏهن هو توهان جي وچڻ ڪان اڳيئي اچي ويو ته توهان کي ضرور ماري ڇڏيندو ڇو ته هوُ ٻارن کي ذرو به پيار نه ڪندو آهي."

اهو احوال ٻڌي ٻئي ٻار ڏاڍو ڏڪي ويا پر هوُ اهڙو ته ٿڪل هئا جو ٻئي هنڌ به وڃڻ لي سندن همت نه ٿي.

ٻڍيءَ هنن ٻنهي کي هڪ وڏي صندوق ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ چيو، "هن ۾ ماٺ ڪري سمهي پئو."

ٻارن کي ڊپ سبب ننڊ نه آئي. هوُ جاڳندا رهيا. هڪ ڪلاڪ کانپوءِ ٻنهي کي ڪنهن جي

اچڻ جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. ٻئي سوچڻ لڳا ته ڪٿي هي ٻڍيءَ جو مڙس نه هجي.

ٻارن بلڪل ٺيڪ سوچيو هو. هوُ ٻڍيءَ جو مڙس ئي هو. دروازي وٽ پهچنديئي "کول، کول" چئي واڪا ڪرڻ لڳو. ٻڍيءَ ڏئو ڀاريو. اُٿي دروازو کوليو. هنجي اندر ايندئي نه معلوم ڇو هنجي ۽ ٻڍيءَ جي وچ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. ڪيتري وقت کانپوءِ جهيڙو بند ٿيو. اُڏهن ٻڍيءَ هنکي کاڌو ڏنو. ٥ ي کائي هوُ سمهي پيو ۽ اهڙو ته زور سان کونگهرا هڻڻ لڳو جو سڄو جهنگل ڏڏڻ لڳو.

ٻئي ٻار ماٺ ڪري ويٺا رهيا. آهستي آهستي کين به ننڊ اچڻ لڳي ۽ جڏهن صبوح جو اک کلين ته ٻڌائون ته ٻڍيءَ جو مڙس ڪٿ پٽ ڪندو ڏينهن لاءِ ٻاهر ويجي رهيو آهي.

مڙس جي وڃڻ کانپوءِ ٻڍيءَ صندوق کولي. ٻنهي ٻارن کي نيرن ڪرايائين. پوءِ هنکي هڪ ٻهاري ڏيئي چيو "منهنجا ٻارو! مون رات جو توهان جي مدد ڪئي آهي. هاڻي ڏينهن جو توهين منهنجي مدد ڪريو. منهنجي جهوپڙيءَ

۾ سٽ ڪونيون آهن. انهن مان ڇهن کي ٻهاري ٻائي خوب صاف ڪجو، پر ستين ڪوٺيءَ ڏانهن نه وڃجو، اُن ۾ جان جو خطرو آهي. مان هڪ ڪم سان ٻاهر ٿي وڃان ۽ ٿوري وقت ۾ واپس ايندس."

ٻڍيءَ جي وڃڻ بعد ٻارن ٻهاري پائڻ شروع ڪئي. جڏهن اُهو ڪم پورو ٿيو تڏهن گلاب چيو "ڀيڻ چمبيلي! ستين ڪوٺيءَ ۾ ڪهڙو خطرو آهي؟ ڏون ڪجهه سوچي سگهين ٿي؟"

اهو ٻڌنديئي چمبيلي ڊوڙندي ستين ڪوٺيءَ وٽ آئي ۽ دروازي جي ڇيرن مان اندر ڏسڻ لڳي. هڪ سونو رٿ اندر بيٺو هو ۽ ان ۾ هڪڙو سونو گهوڙو جوٽيل هو. اُهو سهڻو رٿ ڏسي چمبيلي اهڙو ته خوش ٿي جو هڪدم رڙ ڪري چيائين "ڀاءُ گلاب! هيڏانهن اچ! واهه! ڪهڙو نه عمدو رٿ آهي.

گلاب چمبيليءَ کي چيو ته ٻاهر دروازي وٽ ڏس ته ٻڍي ته نه ٿي اچي.

ٻڍيءَ جو ڪٿي نالو نشان به نه هو. چمبيلي ڊوڙندي وري گلاب وٽ آئي. ٻنهي گڏجي

سوني گهوڙي سميت رٿ ٻاهر آندو ۽ ان لاءِ چڙهي جهنگل ڏانهن پهچي ويا.

هوُ اڃا گهڻو پري نہ ويا هئا تہ هنن کي ٻيڌي پنهنجي مڙس سان گڏ واپس ايندي ڏسڻ ۾ آئي. هنکي ڏسنديئي گلاب گهٻرائجي چيو "ڀيڻ چمبيلي هاڻي ڇا ڪريون."

چمبيليءَ چيو "مات ڪر. مان پنهنجي نانيءَ کان هڪڙو منتر سکي هيس. اُن جي زور سان سڀ ڪم ٺيڪ ٿي ويندو. هن آهستي ڳايو:-

"اي گلاب جا سندر گل
نمندو رهين تاريءَ لاءِ گل
جئن ٿون آهين لئن آهيان مان
سکہ سان لڪي سگهان ٿي مان."

چمبيلي اِهو ڳايو تہ سونو رٿ گلاب جي گلن جي جهاڙي (ٻوٽن جو جهڳٽو) بڻجي پيو ۽ ٻئي ٻار گل بڻجي ان جهاڙيءَ ۾ لڪي ويا. ٻيڌي ۽ سندس پتي ٻئي جهاڙيءَ وٽان ٿيندا هليا ويا.

جڏهن اهي گهڻو پري نڪري ويا تہ چمبيلي وري ڳايو:-

"اي گلاب جا سندر گل
نمندو رهين تاريءَ ٿي گل
جئن ٿون هئين لڪن ٽيس مان
سگهه سان ٻاهر نڪري اچان مان."

گلاب جي جهاڙي وري سوني رت جي روپ ۾ بدلجي ويئي. گلاب ۽ چمبيلي وري اڀتي وڌڻ لڳا. وڌندا وڌندا اچي هڪڙي ٻوٽ ۾ نڪتا. جنهن جنهن گهر وتان هنن جو رت لنگهيو ان گهر مان آواز ٿي آيو: –

"رت ٿي پئي ٻه سوار
اچو ڪجهه ڪائو هڪوار!"

گلاب ۽ چمبيلي هر هڪ گهر مان ٿوري ٿوري ماني ڪاڍي ۽ وري اڀتي وڌيا. اڳيان انبن جو هڪڙو باغ هو. باغ ۾ جنهن وڻ هيٺان هو لنگهيا ٿي اُن مان آواز ٿي آيو.

"رَت ٿي چڙهڻ وارا ٻار
سپ انب اَوهان جي اختيار!"

ان ڪان پوءِ مٺا مٺا انب پٽجي هنن جي رت ۾ ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح هو جيڏانهن به ٿي ويا اوڏانهن ماڻهن هنن کي ڪاڌو ٿي ڪارايو، ڏلاءَ پاڻي

ٿي پيار ٻوءِ وڻن ڦل ٿي ڪارايا.

هيڏانهن ٻئي موج ۾ وڃي رهيا هئا، هوڏانهن ٻڍي پنهنجي مڙس سان گهر پهتي ته ڏٺائين ته اهي ٻار آهن ئي نه سونو رڻ. هڪدم ٻئي ٻارن جي تلاش ۾ نڪتا. رڻ تمام آهستي آهستي وڃي رهيو هو. ٿوريءَ دير ۾ ٻڍي ۽ سندس مڙس ٻئي رڻ وٽ پهتا. هنن کي ڏسندي ئي گلاب رڻ ٻوڙايو پر اڳيان هڪ وڏي ندي هئي ۽ اتي رستو ختم هو. هن چيو "چمبيلي، هاڻي ڇا ڪريون؟"

چمبيليءَ ڏٺو ته نديءَ ۾ ڪيتريون ئي بدڪون تري رهيون آهن انهن کي روٽيءَ جا ٽڪر کارائي چياءِ.

"بدڪون پياريون ٿاهيو پل
جنهن تان ٻوڙي وڃون هن پر."

اهي ٻڌندي بدڪون اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيون ۽ اهڙي نموني ۾ هڪ پل ٺاهي ڇڏيائون. ان تان رڻ پار ٿي ويو.

ٻڍي ۽ سندس پٽيءَ به چمبيليءَ وانگر چيو:-

"بدڪون پياريون ٺاهيو پل
جنهن تان ٻوڙي وڃون هن پر."

هن دفعي به بدڪن پـل ٿاهي پر ٻڍي ۽ سندس مڙس ٻئي اهڙو نه ڳوڙا هئا جو جنهن بدڪ مٿان پير ٿي رکيائون ته اها ٻڏڻ ٿي لڳي. چوطرف "تين تين" ٿيڻ لڳي ۽ بدڪن پل ٽوڙي ڇڏي.

ٻڍي پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندي چيو "شايد جن جو اسان رت چورايو آهي تن جا هي ٻار آهن."

هن جي مڙس چيو "مونکي افسوس نه آهي نه رت سونو هو. مگر اِهو ڏکُ اٿم جو جيڏانهن به رت ويندو اتي ڪائڻ پيئڻ جو , شيون پنهنجو پاڻ ملي ٿيون وڃن."

اهڙي طرح پڇتائيندا ٻئي نراس ٿي پنهنجي گهر موٽي آيا.

هاڻي گلاب ۽ چمبيلي مزي سان دنيا جو سير ڪرڻ لڳا، غريبن ٽي هو گهڻي ديا ڪندا هئا. ڪندا به ڇو نه. هو خود به ته پهرين تمام غريب هئا.

## ڪمل گُل

ساوڻ جو مهينو هو. ڪملا نديءَ جي ڪناري پنهنجن ساهيڙين سان راند ڪري رهي هئي. هڪڙيءَ ساهيڙيءَ چيو "اڄ پيڻ، اڄ گرمي آهي اچو تہ سنان ڪريون." ڪملا چيو "مون وٽ ڌوتي ڪانهي. ... سنان ڪيئن ڪريان؟" هڪڙيءَ ساهيڙيءَ چيو" پيڻ توکي ڇهہ ڀاڄايون آهن، وڃ ڪنهن کان ڌوتي وٺي اچ." ڪملا هڪڙي ڀاڄائيءَ وٽ ويئي، ٻيءَ وٽ ويئي، ٽيئن وٽ ويئي. اهڙي طرح سڀني وٽ ويئي پر ڪنهن بہ ڪيس ڌوتي نہ ڏني. ڇهينءَ ڌوتي تہ ڏنس پر ائين چئي ڇڏيائينس تہ جيڪڏهن اُن تي ڪو داغ ٿيو تہ مان تنهنجي ٻت تي ڏنا وجهنديس.

ڪملا ڌوتي کڻي نديءَ ڏانهن آئي. سنان ڪري ڪملا ڌوتي نديءَ جي ڪناري لاهي رکي. ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪڙو ڪانءُ آيو ۽ ڌوتيءَ

ٿي وٽ اُڇلائي هليو ويو. ڪملا گهٻرائجي ويئي. ڏولي گهڙوئي ڏوڪائين پر وِٽ جو داغ ڪين لٿو. لاچار ماٺ ميٺ ۾ ڏوٽي پاجائيءَ جي ڪمري ۾ رکي آئي. پاجائي ڪپڙا ڪولي جڏهن انهن لاءِ داغ ڏٺا تڏهن جلي خاڪ ٿي ويئي. نه سڄي ڏينهن ۾ ڪجهه کاڌائين نه ڪجهه پيتائين. رات جو مڙس آيو ته هوءَ رسي ويٺي رهي. پتيءَ رسڻ جو سبب پڇيو ته هن ڪجهه به نه چيو. مڙس چوڻ لڳو "جيڪڏهن ڦاٽلن ڪپڙن کي سبب نه، رناٽن کي پرچائيو نه ته ڳالهه ڪيئن ٿيندي؟" تڏهن استريءَ چيو "توهنجي ڀيڻ منهنجي ساڙهي خراب ڪري ڇڏي آهي. ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏ نه پوءِ مان گهر ۾ رهنديس نه ته مان پنهنجي پيڪي هلي وينديس." استريءَ جي چوڻ تي پاڻ پنهنجي ڀيڻ کي اڪيلي هنڌوٽي ويو اُتي هڪڙو وڏو ٽلاءُ هو. اُن ۾ ڪيس ڪٽي ڏڪوڏناءِ ڪملا جي ٽلاءَ ۾ گهڙڻ سان ئي ڪمل گل پيدا ٿي پيو. ڪملا جي ماءُ ڪيترائي ڏينهن پنهنجي ڌيءُ جي راهه ڏسندي رهي. روئندي روئندي سندس اکين جي نظر به ويندي رهي.

ڪيترائي ڏينهن بنا ڪاڌي پيتي گذري ويا. هڪڙي ڏينهن هڪڙو طوطو آيو ۽ ڪملا جي ماءُ کي اُداس ڏسي چياءِ "اما، تون روئين ڇو ٿي، مان پپرجي وڻ تي وڃي ٿو ڪيس سڏيان جيڪڏهن جيئري هوندي ته سندس پتو پئجي ويندو."

ائين چئي هوُ وڃي پپرجي وڻ تي وينو ۽ چوڻ لڳو:-

"ڪملا ننهنجي ماءُ روئي، ڪملا ننهنجي ماءُ روئي."

ڪملا اِهو ٻڌي چوڻ لڳي:-

"پيارا طوطا، ڏکو ڏنو پاءُ ڪلاءَ ۾
ڪرڻ سان ٿي پيس مان ڪنول هڪ پل ۾."

طوطي ڪملا جو آواز ڪمل جي گل مان ٻڌو. هوُ جهٽ اُڏامي ڪمل جو گل چني ڪملا جي ماءُ وٽ ڪڻي آيو. ماءُ جئين ئي هٿ ۾ ڪنيو ته جهٽ اُنمان ڪملا نڪري آئي. ماڻس ڪيس گلي لاتو. ڪملا پوءِ پاڇاين وٽ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو.

## مهاراڻي پنيوري

پرين جي ديس ۾ هڪ دفعي هڪ تمام سندر راجڪماريءَ جوجنم ٿيو. جڏهن هوءَ وڏي ٿي تہ ماڻهن ڏٺو تہ هوءَ تمام هنيلي آهي جو سندس من ۾ اُچي ٿو اهوئي ڪري ٿي. ۽ ڪنهن جو بہ چيو نٿي مڃي. ليڪن هوءَ اهڙو تہ سندر هئي جو سندس ماءُ پيءُ يعنيٰ راجا راڻي ڪيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا.

اُن راجڪماريءَ کي سڀ نديون شيون ڏاڍو وڻنديون هيون ۽ ايشوَر بہ ڪيس ننڍوئي ٺاهيو هو. ڪيس ننڍا ننڍا هٿ هئا. ننڍو نڪ ۽ ننڍو منهن هو.

ننڍيون ننڍيون ڪيس شيون بہ پسند هيون. پوپٽن کي هوءُ پنهنجو هوائي جهاز چوندي هئي. هنکي پوپٽن جي سواري گهڻو پسند هئي. اسين ماڻهو اهڙا پوپٽ پسند ڪندا آهيون جن

جا پر گاڙها، پيلا، نيرا ۽ رنگ برنگي هوندا آهن. پرهنکي فقط اڇي رنگ جا پوپٽ پسند پوندا هئا.

هڪڙي ڏينهن پرستان جو راجا پنهنجي راڻيءَ کي چيو "هاڻي اهڙو وقت اچي ويو آهي جڏهن اسين پنهنجي ڌيءَ جو وهانءُ ڪريون."

راڻيءَ چيو "ها، پر ڌيءَ کان پڇڻ گهرجي."

ان وقت راجڪماريءَ کي سڏايو ويو.

راجا چيو "منهنجي پياري ڌيءَ! چئين تہ تنهنجو سويمبر رچايون. ڇا تون آس پاس جي راجڪمارن مان ڪنهن کي پسند ڪندينءَ؟"

راجڪماريءَ ڪنڌ ڌوڻي چيو "نہ بابا! مان شادي ڪرڻ نٿي چاهيان."

"ڇو؟"

"مونکي جيترو اڇا پوپٽ پيارا آهن ان کان وڌيڪ ڪو بہ پيارو نہ آهي."

"بنا ڏسڻ ڀڄڻ جي ائين نہ چوڻ گهرجي، ڌيءَ." ائين چئي راجا ڪليو.

* * *

راجا جو نوتو ملڻ تي آس پاس جا راجڪمار

خوب ٺاٺ باٺ سان هن وٽ اچڻ لڳا. پر راجڪماريءَ ڪنهن کي به پسند نہ ڪيو. هنکي اڃن پوپٽن جو ڏاڍو خيال هو.

جڏهن ماءُ پيءُ کيس گهڻو سمجهايو تہ هڪڙي ڏينهن هن چيو "مان ان سان شادي ڪندس جنهن جا وار اڇا هوندا. ڇو تہ اڇا پوپٽ پالڻ ڪري مونکي اڇو رنگ ڏاڍو پيارو ٿو لڳي."

اهو احوال ٻڌندي هڪڙو راجڪمار آيو. هنجا وار بلڪل اڇا هئا. راجہ ماريءَ جو هن سان وهانءُ ٿيو. پهرين تہ راجڪماري بلڪل خوش هئي پر جڏهن هن ڏٺو تہ سندس پتيءَ جا وار جهڙا وهاءُ جي وقت اڇا هئا اهڙا نہ آهن تہ هوءَ ڏاڍو دکي ٿي.

هن چيو "ڏسو، تنوهان جي اڇن وارن کي ڇا ٿيو آهي؟" اهو ٻڌنديئي راجڪمار وسو ٿي ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن همٿ ڪري چيو "منهنجي پياري! مونکي معاف ڪر. مون توکي دوکو ڏنو آهي."

"ڇا وارن جي وسيلي؟"

"هائو، منهنجا وار اصل ۾ ڪارا هئا. مون

انهن کي اچو رنگ هنيو هو ڇو ته مونکي خبر هئي ته اچن وارن هئڻ کان سواءِ مان توکي پائي نه سگهندس."

'اڙي ننگ، پڇي وڃ. پڇي وڃ. مان توکي ڪڏهن به معاف ڪري نٿي سگهان."

راجڪماريءَ ڪاوڙ ۾ واکو ڪري چيو.

ويچارو راجڪمار اُداس ٿي هليو ويو.

پوءِ ته راجڪماريءَ سوچيو ته چڱو ٿيو جو راجڪمار هليو ويو پر هوُ اهڙو ته مِٺو هو جو راجڪماري هنکي وساري نه سگهي.

راڻيءَ پڇيو "ڌيءُ توپنهنجي هڙي سٺي پٽيءَ کي ڪيڏي چڱو نه ڪيو آهي. هنکي واپس گهراءِ."

"پر امي! هن ته مونکي دوکو ڏنو آهي."

"دوکو ڏناءِ انکري جو هن توکي پيار ٿي ڪيو، توسان وهانءُ ڪرڻ ٿي چاهيائين."

راجڪماريءَ کو به جواب نه ڏنو راڻيءَ به وڌيڪ ڪجهه نه چيو.

ٻئي ڏينهن هڪ عجيب ڳالهه ٿي. راجا راڻي ۽ راجڪماري تيئي باغ ۾ اچا پوپٽ ڏسي رهيا

هئا. ان وقت سامهون پهاڙ جي چوٽي تان ڪا ڪاري شيءِ ايندي ڏسڻ ۾ آئي. اها شيءِ هنن ڏانهن اچي رهي هئي. تيئي غور سان ڏسڻ لڳا.

جڏهن اُها شيءِ تمام ويجهو آئي تڏهن تنهي ڏٺو ته پئونئرن جو ميڙ اُڏامندو اچي رهيو آهي ۽ انهن تي هڪ خوبصورت جوان سوار آهي. راڻي رڙ ڪري چيو "اڙي، او، هيءَ ته اهوئي راجڪمار آهي."

راجڪماريءَ به چيو "ها ها! هيءُ منهنجو پتي آهي."

اهو ٻڌنديئي ان جوان جواب ڏنو "ها، راجڪماري! مان تنهنجو پتي آهيان. منهنجا وار ڪارا آهن پر ان لاءِ مان ڇا ڪريان. هي ڪارا اُڏامڪ به ته مونکي گهڻو پسند آهن. مان چاهيان ٿو ته توکي به انهن مان ڪجهه ڏيان. ٻڌاءِ وٺنديني؟"

ان وقت راجڪماريءَ جا پوپٽ انهن ڪارن پئونئرن کي ڏسي نه معلوم ڇو ٻيلا ٿي پيا.

راجڪماريءَ چيو "هاءِ! هاءِ! هاڻي مان ڇا ڪريان. ٻيلا پوپٽ وٺي مان ڇا ڪنديس.

راجڪمار ھي چا ٿيو؟"

راجڪمار چيو "مان چئي نٿو سگھان منھنجي پياري! مون کي ائين ٿيندو ڪڏھن به نه ڏٺو آھي."

"ھا! ھا! پيلا پوپٽ ڪٿي مان چا ڪندس؟" راجڪماري روئڻ لڳي.

راجڪمار چيو "ھيءُ منھنجا ڪارا پڙ نئرا ڪٿي ويا."

"ھي ڪارا چا آھن؟"

"پڙ نئرن جو ميڙ آھي. تمام تيز اُڏامندا آھن. ۽ تمام سريلي آواز ۾ ڳائيندا."

راجڪماريءَ ڪجھ نه چيو. پئي ڏينھن کان راجڪمار محل جي سامھون پڙ نئرن کي قوائد سيکارڻ لڳو ۽ آھستي آھستي راجڪماري انھن جي راڳن تي ريجھڻ لڳي. ان وقت راجڪماريءَ جا پوپٽ به اچا ٿي ويا. ھو اصل ۾ ايرڪا سبب پيلا ٿي پيا ھئا چو ته کين معلوم ھو ته راجڪماري پڙ نئرن کي ضرور پيار ڪرڻ لڳندي. پر ھاڻي پوپٽ اچا ٿيڻ لڳا، چو ته پڙ نئرن کي ھو به پيار ڪرڻ لڳا ھئا ۽ انھن جي ايرڪا گھٽ ٿي

ويئي هئي.

پنهنجن ٻوپٽن کي اچو ڏسي راجڪماريءَ خوش ٿي چيو "هاڻي هي پنهنجي اصلي رنگ ۾ ڇو آيا آهن؟"

"پريم سبب."

"۽ پيلا ڇو ٿي ويا هئا؟"

"ايرکا سبب."

"تنهنجا وار اڇا ڪيئن ٿيا هئا؟"

"دوکو ڏيڻ سبب."

"۽ ڪارا ڪئين ٿيا؟"

"پريم سبب."

راجڪماريءَ مشڪيو.

راجڪمار چيو "ماڻهو جڏهن ڪنهن سان ڇل يا ڪُپٽ ٿو ڪري ته ان جو رنگ ڦري ٿو وڃي ۽ جڏهن پيار ٿو ڪري ته پنهنجي اصلي رنگ ۾ اچي ٿو وڃي.

راجڪماريءَ چيو "نيڪ! مان ڪُپتئي کي پيار نه ڪندي آهيان. پر تون سچو آهين تنهنڪري توکي پيار ڪريان ٿي."

راجڪمار خوشيءَ کان ڦوليو نه سمايو.

راڄڪماريءَ چيو "هاڻي مان توکي ڪيئن سڏيان؟"

"مهاراج پرمر."

"۽ تون مونکي ڇا ڪري سڏيندين؟"

"مهاراڻي پنيوري."

ان ڏينهن کان مهاراج پرمر ۽ مهاراڻي پنيوري ڏاڍي پريم سان پاڻ ۾ رهڻ لڳا. انهن جو جيون تمام سکيو آهي ڇو ته سنسار ۾ اهڙو ڪي ٿيا راجا راڻي خوش نه هوندا، جو ته پيار ئي سکن جو بنياد آهي.